SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1985

SINDH ACT NO.XI OF 1985

سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of section 3_A of Sindh Act VII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act VII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act VII of 1975

5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1975

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Act VII of 1975

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1985

SINDH ACT NO.XI OF 1985

سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

[8 جنوري 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان کي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 10 مارچ 1985 کانپوءِ اسپيڪر طرفان پهريون پيرو آفيس سنبهالڻ واري تاريخ کان لاڳو سمجهيو ويندو.

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، 1975 جي سنڌ ايڪٽ

الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(ساز و سامان جو الائونس) 3_A. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، پنهنجي اهڙي پهريون پيرو چونڊ تي، اڪئپمينٽ الائونس تي هزار رپيا ۽ بہ هزار رپيا ترتيبوار حاصل ڪندا.

بشرطيڪ اڪئپمينٽ الائونس حاصل نہ ڪري سگهبو جيڪڏهن ساڳئي مقصد لاءِ اسيمبلي جي مدي دوران، جنهن ۾ اهو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور چونڊيو ويو آهي، اڳواٽ وڏي وزير، وزير، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور مقرري يا چونڊ تي ساڳيو الائونس حاصل ڪري چڪو هجي.

VII جي دفعہ 3_A جي شموليت

Insertion of section 3_A of Sindh Act VII of 1975

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 ۾، لفظن "تيهزار رپيا ۽ بہ هزار رپيا. لاءِ لفظ "پنج هزار رپيا ۽ چار هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act VII of 1975

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) لفظن "پندرنهن هزار رپيا" لاءِ لفظ "پنجاهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا؛

(ii) "لفظن "ڏهہ هزار رپيا" لاءِ لفظ "پنجويهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا؛

(b) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Act VII of 1975

"(2) جتي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪاري رهائش ناهي مهيا ڪئي وئي يا اهو نجي رهائش اختيار ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو تہ ان کي ترتيبوار اٺ هزار رپيا يا ست هزار رپيا پنهنجي گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو يا ڀريو ويندڙ حقيقي پاڙو ترتيبوار وڏ ۾ وڏ اٺ هزار رپيا يا ست هزار رپيا ماهوار پاڙي تي ورتل گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو ۽ اسپيڪر کي واڌو طور ويهہ هزار رپين جي رقم گهر جي سنوار سينگار لاءِ فقط هڪ ڀيرو ڏهين مارچ 1985 کانپوءِ اسيمبلي جي مدي دوران پهريون ڀيرو وزير يا اسپيڪر طور چونڊجڻ تي يا نئين اسيمبلي جي چونڊ تي ڏنو ويندو.

(2_A) سرڪاري رهائش ۾ مهيا ڪيل سامان جو معيار چيف سيڪريٽري، ماليات سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري ڪميونيڪيشنز اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ تي مشتمل ڪميٽي جي فيصلي تحت هوندو.

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 ۾، لفظن "پنج سئو رپيا ۽ تي سئو رپيا" لاءِ لفظ "تي هزار رپيا ۽ هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act VII of 1975

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هڪ سئو رپيا ۽ پنجهتر رپيا" لاءِ لفظ "هڪ سئو ۽ پنجويهہ رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	section 10 of Sindh Act VII of 1975